
تعميرات جي لغت



سهيڙيندڙ

سيد حاڪم علي شاهه بخاري

۽

محمد عثمان ميمڻ


سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

ISBN 978-969-9098-19-2

Rs. 250/-

Dictionary of Architecture



Compiled by:

Syed Hakim Ali Shah Bukhari

&

Muhammad Usman Memon

Sindhi Language Authority,
Hyderabad

Sindhi Language Authority's Book number (151)
All Rights Reserved.

Catalogue Reference
Bukhari, Syed Hakim Ali Shah &
Memon, Muhammad Usman
Tameeraat Ji Lughat
(Dictionary of Architecture)
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-19-2

Tameeraat Ji Lughat

By:	Syed Hakim Ali Shah Bukhari & Muhammad Usman Memon
First Edition:	2010
Quantity:	1000
Price:	Rs. 250/=
Composed by:	Sakhawat Ali Jatoi and Ahsan Ali Laghari
Title & Layout:	Tolaram Suthar
Printed by:	Sindhica Academy, Karachi
Published by:	Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051
E-mail:	sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. ميشرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان
ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

اڻپنا

سنڌ جي نامياري عالم،

تعميرات جي پارکوءِ اديب

ڊاڪٽر **ڪليم الله لاشاريءَ**

جي نالي.

ـ سيد حاڪم علي شاهه بخاري

ـ محمد عثمان ميمڻ

ناشر نوٽ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ شاهوڪاريءَ لاءِ مختلف مضمونن ۾ موضوعن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ڪي سولو بنائڻ لاءِ مختلف علمن جون لغتون ڇپائڻ جي رٿا هلندڙ آهي. ان ڏس ۾ ادب ۾ فن ڪانسواءِ مختلف سائنسي مضمونن ۾ سماجي سائنس سان لاڳاپيل مضمونن جون لغتون تيار ڪيون پيون وڃن... جن مان هڪ اوهان جي هٿن ۾ آهي: "تعميرات جي لغت".

هيءَ لغت محض عام مترادف لفظ ڏيڻ جي ڪوشش ڪانهي، بلڪ هن ۾ قديم توڙي جديد اڏاوت جي هنر سان لاڳاپيل ڪيترائي آڳاٽا، متروڪ سنڌي لفظ موجود آهن، ان ڪانسواءِ ڪي نوان گھاڙيتا ٻه اوهان کي نظر ايندا. ان جو سبب اهو آهي جو هن لغت تيار ڪرڻ ۾ سنڌ جي ٻن جاکوڙي عالمن جو حصو آهي، جن مان محترم حاڪم علي شاهه بخاري قديم آثارن جي علم جو ڄاڻو ۽ ماهر هئڻ ڪري قديم اڏاوتن يا تعمير جي طور طريقن ۽ قسمن کان واقف آهي ۽ مختلف عمارتن ۾ ڪتب ايندڙ مٽيريل کان وٺي انهن جي اصل (سنڌي، اسلامي يا مغليه وغيره) شڪلين ۽ رخن روپن بابت ڄاڻ رکي ٿو جڏهن ته سندس ساٿي محترم عثمان ميمڻ ٻوليءَ ۽ لغت جي ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾ سندس ٻانهن ٻيلي ٿي هن ڪم کي بهتر انداز ۾ پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

اسان جو ويساهه آهي ته هن قسم جون لغتون نه صرف مختلف ميدانن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي ممڪن بنائڻ ۾ مدد ڪنديون بلڪ انهن موضوعن تي لکيل ڪتاب ترجما ڪرڻ ۾ ٻه مددگار ثابت ٿينديون، جيڪا ڳالهه وري سنڌيءَ جي شاهوڪاريءَ ۽ وسعت کي وڌائڻ جو سبب بنجندي.

اميد ٿا ڪريون ته هن ڪم مان گھڻن کي لاڀ حاصل ٿيندو.

ڈاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ
25 مئي، 2010

پنهنجي پاران

چون ٿا:

"Man ever since his appearance on the earth has, throughout his surprisingly mysterious journey of evolution from mire to moon, fixed lodge next in priority to food. Innate extinct of fear from fatal foes coupled with corporeal sensitiveness to climatic inclimencies were the causes which compelled him to seek shelter from ab initio"

ايڈي وڏي اهميت جي ڪري انسان اڏاوت جي عمل سان اوائلي ۽ لڳاتار لاڳاپو رکندو پئي آيو آهي. اڄ تائين قديم آثارن جون جيڪي تحقيقي ڪوجنائون ۽ کوٽايون ٿيون آهن، تن موجب قديم انسان جا اوائلي رهائشي ۽ ثقافتي آثار انترتنزانيا جي "اولڊ واءِ" نالي 48 ڪلوميٽر ڊگهي، 90 ميٽر اونهي گهاٽيءَ جي کوٽائي مان مليا آهن. هن ماڳ جي کوٽائي L.S.B Leaky نالي علم الانسان جي ماهر سال 1959ع ۾ ڪئي. هتان مليل پٿر جا اوزار ۽ قديم انسان جا هڏا پوٽاشيم اورگن ٽيسٽ وسيلي 1.9 ملين ۽ 1.7 ملين سال پراڻا ثابت ٿيا. هتي رهندڙ انساني نسل جي ماڻهوءَ خونخوار جانورن جي خوف کان يا وري نويڪلائي پسنديءَ سبب قدرتي پٿر هڪ ٻئي مٿان رکي هڪ ڪينگي اڏاوت جو پلويڙو اڏيو آهي. اهڙي اڏنگي اڏاوت کي عمارتسازيءَ جي زمري ۾ ته شامل نٿو ڪري سگهجي، پر ان کي فن تعمير جو ابتدائي اهڃاڻ سمجهي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ انسان جي جهنگل ۽ جبل ۾ رهڻ واري زندگيءَ جا آثار نه مليا آهن. سو شايد ان ڪري جو انهن ٻنهي نيم جيو ڏسائن تي ان وقت به ۽ هينئر به اهڙا اَجها موجود آهن، جتي ماڻهو ٽانيڪو رهي سگهيو ٿي. هڪ گمان اهو به آهي ته اڳتي ڪنهن هنڌ اهڙي اڏاوت جا آثار ملي وڃن. اهو ته بهرحال، سمجهجي ٿو ته ماڻهو اجهي ۽ اڙ بنا رهي نه سگهيو هوندو. پراڻي پٿر واري دور جي خاتمي بعد وچين پٿر جي دور ۾ رولاڪ زندگيءَ سان گڏوگڏ رهائشون (Camps) به پسند ڪري چڪو هو ۽ نئين پٿر جي دور ۾ جڏهن پوکي راهي ۽ مال پالڻ واري زندگيءَ جي

شروعات فلسطين، عراق، ايران، سنڌوءَ ۾ ٿي چڪي هئي تڏهين ماڻهو وهڪ واري زندگي اختيار ڪئي. ان ڪري گهر ناهڻ ۽ ڳوٺن وسائڻ جي شروعات ٿي. اهو دور ڏهه هزار سالن ق.م کان 6500 سال ق.م جو چيو وڃي ٿو. اسان وٽ مهر ڳڙهه (بلوچستان) جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان هڪ وسنديءَ جي رهت ملي آهي جتي مٽيءَ جي گنب يا پنوڙن مان جايون تعمير ڪيون ويون آهن. مهرگڙهه جي آثارن کان پوءِ تعميرات جي مسلسل ڪڙي ملي ٿي جا موهين جي ڏڙي واري مثالي سرن مان ڏهيل عمارتن جي پيش رو پائنجي ٿي. ساڌا ٿي هزار سال ق.م ڌاري عمارت سازيءَ جي عمدن شاهڪارن جي شروعات ٿيندي نظر اچي ٿي جنهن ۾ عراق جا زڪورت، مصر جا اهرام، سنڌوءَ جا ٽلها ڳڻائي سگهجن ٿا. انهن مان ڪن مهذب مرڪزن تي قابض ٿيڻ ڪان پوءِ ڪن ملڪن/ قومن اتان جي فن ۽ وسيلن کي استعمال ڪري، عيسوي سن کان چند صديون اڳ معياري (Classical) فن تعمير جا نمونا پيش ڪيا جن ۾ يوناني ۽ رومي مهندسن اڳرائي ڪئي.

عمارت سازيءَ جي سادي وصف آهي:

It is art of organizing the space by certain erections."

پر روم جي عظيم مهندس 'Vitruvus' چيو:

"It is well building and well building hath three conditions, firmness, commodity and delight."

پوءِ جيئن جيئن عمارتون ۽ انهن جي ترڪيب، ترتيب، رڃا، مقصد، زيبائش، پيچيدگيون گوناگون ٿيندين ويون، انهن ۾ مختلف عنصرن جو واڌارو ٿيندو ويو. حصن ۽ پاڳن جي نالن وصفن ۽ اصطلاحن ۾ به اضافو ٿيندو ويو. هن وقت عمارتسازيءَ جي هنر سان لاڳاپيل هزارين لفظ اهڙا آهن جي لغتن ۾ تشريح سان شامل ٿيڻ جهڙا آهن. فن تعمير ۾ مهندسي متن تي ٻڌل بنيادي ٽن قسمن جا جزا ڳڻائي سگهجن ٿا. (1) اهي جيڪي ضروري آهن مثال طور: پيڙهون، پتيون، فرش، چتيون، دروازا يا لنگهه، ٽنب (ٻن خالن جي وچ ۾ ٺوس اڏاوت وغيره (2) جيڪي اختياري جز آهن. مثال طور: الف. جي ڪتبائتا آهن جهڙوڪ دريون، روشندان، منگهه، جاريون، پچتيون، چاڄا، وغيره وغيره (ب) فروعي يا تنوع پيدا ڪندڙ جهروڪ، ڪناريون، پٽا، قاب، (Panels) ونگون، ڪنگرا، برجيون، وغيره وغيره (3) آرائشي جهڙوڪ: رنگ روغن، جڙايون، تراسون، گهات، تصويرون، بوتا ۽ ٻيا سنجهت، انهن ٽنهي جزن مان آخري (نمبر 3) جا انيڪ اظهار آهن ۽ انهن جا نالا ۽ اصطلاح وغيره به ڪنهن خاص ضابطي وغيره جا محتاج نه آهن. ان ڪري انهن کي ڇڏي باقي پهرين ٻن قسمن جا جزا عام ۽ اهم آهن. انهن جا نالا ۽ اصطلاح وغيره ڄاڻائڻ گهرجن. انهن جون وضاحتون به ٿيڻ گهرجن ۽ ضرورت هجي ته سُچتر (Illustrate) ڪجن.

جنهن لاءِ تصويرون، نقشا يا خاڪا وغيره ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. انهن جزن جا نالا ۽ اصطلاح ۾ مختلف خطن ۾ مختلف ٿي سگهن ٿا يا ڪن جا نالا ڪن هنڌن تي اڻڄاتل هئڻ جا امڪان ۾ آهن. انهن سيني انديشن دور ڪرڻ جو واحد وسيلو انهن جزن جي تصوير يا خاڪو ٻڌجي سگهي ٿو. اڳين رازن کي ديسي اڏاوتن جا سڀ نالا معلوم هئا پر اهي ۾ پنهنجو وارو وڃائي ويا ۽ عمارتن جا نالا ۽ جزا ۾ نوان ٿي ويا اهي گهٽو ڪري نون ۽ ٻين هولين جي نالن سان سڏجن پيا. اهي سڀ ڳالهيون عمارتسازيءَ جي لغت جي اهميت جتائن ٿيون. چيتارجي ته هن وقت ثقافتي لحاظ کان جيڪي انساني ڪارناما ڏيک، سيڙپ (جنگي اوزار ۽ خلائي منصوبا چڏي) ۽ مقدار ۾ وڌيڪ اهميت ڏيڻائي سگهجن ٿا، تن ۾ عمارتسازي مڙني کان گوءِ ڪنيو ٻيئي آهي.

اهو سوچي ڪم ۾ هٿ وڌو سين، انگريزيءَ ۾ ته عمارتسازي بابت ڪتاب جام هئا پر پنهنجي هوليءَ ۾ ورلي ڪو مواد ڏسڻ ۾ آيو جي وري هئو ۾ ته اسانجي علم ۾ نه هئو. بس پاڻ سان هڪ ڪتاب ضياءُ الدين انصاري صاحب جو "عمارت سازي" موجود هو. پنهنجي مقصد مطابق نهايت ڪارگر ڪتاب آهي. پر اسان جي ضرورت ڪجهه مختلف هئي. هن وقت جيڪا لغت اوهان جي هٿن ۾ آهي سا خاصي محنت جو نتيجو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جا ماخذ ٻاهريان آهن. گهڻو مواد انگريزي مان، ڪجهه عربي ۽ فارسي مان، ٿورو مواد هندي ۽ سنسڪرت ۽ تمام ٿورڙو ڪن ٻين هولين تان ورتل آهي، ان ڪري انهن جن سنڌيءَ ۾ معنائون يا سمجهاڻيون ممڪن آهي ته تسلي بخش هجن يا نه. اسان پنهنجي آسانيءَ لاءِ ڪجهه الفاظ سازي ۾ ڪئي آهي پر ضروري نه آهي ته اهي لفظ عالمن وٽ ۾ اگهامن. اهو ۾ ممڪن آهي ته ناهيل لفظن جي جاءِ تي مڪاني طور الفاظ موجود هجن پر انهن جي اسانکي ڄاڻ نه هجي. اميد آهي ته اها ڪمي اڳتي هلي اسان پاڻ يا ڪو ٻيو عالم پوري ڪري ۽ هيءَ لغت گهٽ ۾ گهٽ ايتري وسيع ٿئي جو ڪم ڪرڻ وارن جي مڪمل نه سهي پر مناسب حد تائين ضرورت پوري ڪري سگهي.

عمارتسازيءَ جي هڪ ٻي لغت (سنڌي مان سنڌي) ۾ لکجي چڪي آهي ۽ ڇپائيءَ لاءِ منظور ۾ ٿيل آهي. سا ۾ جلد ڇپجي ويندي. اها لغت ۾ هِن لغت جي مدد ڪندي بلڪ ڪنهن حد تائين ڪوٽ پوري ڪندي.

محمد عثمان ميمڻ


۽

حاڪم علي شاهه بخاري

A

Abacus

قالڪو: دوڳي، جا اڏاوت ۾ پيلپائي، ٿنب يا سرستون، جي مولاڻي (capital) جي مٿان هجي مختلف تعميراتي طرزن ۾ مختلف شڪلين جو ٿئي ٿو. ڪٿي سڏو ۽ هموار ڪنارن سان، ڪٿي گول گهاڙ سان ڪنارا، ڪٿي وري پاسا يا ڪنارا لڪار ۽ ڳُنڍون مڙيل هجن ٿيون.



Abatis

لوڙهو: وٽن ۽ ٻوٽن جي ڪپيل ٽارن، تارين ۽ ڏاهرن جو لوڙهو. ڏنگهرن جو لوڙهو. هن جو مقصد لوڙهي اندر شيءِ جي حفاظت ۽ حدبندي هوندو آهي. گهٽو ڪري ڏنگهرن جون پڇڙيون ڏاهرين پاسي ڪبيون آهن.

Abattoir

ڪوس گهر، مذبح خانو، ڪميلو.

Abaxial

محور کان پري، محور کان ڏاهريا هٿيل.

Abbey

خانقاه (پڌمت وارن جي): مڙهي، مٺ، راهب خانو



Abextra


ڏاهران: ڏاهر/ڏاهران کان.

Abintra

اندران: اندر/ اندران کان.

Abscissa (Pl.ae)

نقطي کان اُپي فاصلي جي ماپ (نقطي تقاطع کان عمود تائين فاصلو)



Abshar

(cascade) آبشار: جهرٽو پاڻيءَ جي چادر.

Abthanae
خانقاهي علائقو. رهباني حدون (گھٹو ڪري ڪولمبين ڪليسا جون).

Abutment

پشت بند: مضبوط نهرو پايو يا پشتي ديوار جيڪا ڪنهن اڏاوتَ جو هڪ طرف کان دٻاءُ برداشت ڪري

Acanthus
گھاٽن پنن ۽ ڪنڊن سان ٻوٽو (طابة الشوک)


جنهن جھڙونمونو مولاڻي تي گھڙي سُونهن طور عمارت سازيءَ ۾ ڪم اچي.

Access
لنگھ. گذرگاھ. پھچ

Acclivity
اڀيري لاهي يا چاڑهي مٿتي. ليٽ يا لاڙو.

Achchaday
سر يا پٿر پوش. استوپا جي ڏڙ (Egg) مٿان پڪ سرو يا پٿر جو پوش/ جڙاءُ. استوپا جو سرن يا پٿر سان ڍڪيل ڏڙ.

Acrolith
مجسمو. جنهن جا چيڙا. (مٿو. پير. هٿن جون آڱريون وغيره) پٿر جا هجن.

Acropolis
بالا حصار. ڪنهن به شهر. (خاص ڪري يوناني) جو مٿاهون پاڳو. ڳڙهي.

Acroterion
سنتوريءَ جي ڪُنڊن يا چوٽيءَ تي ٺهيل بوتا يا نقش.

Acroterium
سنتوريءَ جي ڪنڊن ۽ چوٽيءَ تي آنگھون. جن تي نقش يا بوتا ٺهن.

Aculterine
محل (castle) جو شاهي اجازت کان سواءِ ناهيل هجي.

Addorsed
پُٺي سان پُٺي. پٺپٽيا. ڪن به بن جانورن يا ماڻهن وغيره جا مجسما. جن جو پٺيون هڪ ٻئي ڏانهن هجن يا هڪ ٻئي سان مليل هجن.

Adit
(کاڻ جي) کُهي يا مُنهن. ٻُنيو يا رستو. جنهن مان اچي ويجي سگھجي.

Aditus
لنگھڻ يا داخل ٿيڻ لاءِ مُنهن (کاڻ وغيره جو).

Adobe — ڪچي يا اٽپڪل سِرَ، ڪچيون سرون.

Adud — قالڪو يا برگو (sirsa/ sirasa)

Adumbral — سايي دار، چانورو ڪندڙ چانوَ وارو.

Adumguem — اتم، اعليٰ، نهايت سينگاريل.

Adytum — 
خلوتگاهه، حرم، زيارت، عبادتگاهه جو بلڪل اندريون حصو. خانگي ڪمرو. يوناني مندر جو اپرندو پاسو جنهن ۾ الهام ٿئي يا بشارت ملي.


Aedicule — ٻه ٿنڀي درگاهه، ٻه ٿنڀو تيرٿ، ڏيوَرو (جنهن تي ستون بندي ۽ سنتوري به هجي ۽ اندر مجسمو به هجي).

Aeges — حفاظت، ڍال، سهارو (اهڙي حفاظت جا ٽوڙي يا سَر ڪري نه سگهجي.)

Aegricane — (ڏسو: Bucrane)، نقش مُنڊي، ڪلاسيڪل اڏاوتن ۾ سرستون تي ڪنهن ساهدار (ڍڳي، رڍ، ٻڪري وغيره) جي تراشيل مُنڊي، گهٽو ڪري گنڊيون به پاتل ٿين.

Aerolic capital — 
هي سرستون مستطيل ٿئي ۽ پاسن کان گُنڊيلون (volutes) ۽ ٻنهي جي وچ ۾ گُرتو ڪجيءَ جو نقش ٺهيل.

Affronted — سرستون تي ٺهيل، گهٽو ڪري جانورن جون مورتيون جن جا منهن هڪ ٻئي ڏانهن هجن، مُنهنمُنهان.

Agger — 
رومن رستي جو بنياد، جيڪو خود رستي جو حصو ٿئي. (بعضي پهاڙن تي واقع قلعن جي


كنارن لاءِ بہ لفظ استعمال ٿئي. گهيري لاءِ
كنهن بہ شئي جو ٿهيل دمدمہ، جنهن تان ڇڙ
هٿيارءِ ڳلُون گذاري سگهجن).

Agora
بازار، ميدان، منڊي، (رومي يا يوناني) شهرن ۾
خالي جاءِ جيڪا منڊيءَ طور يا بعضي عام
گڏجاڻين لاءِ ڪم اچي.

Ahjar/ Atbak
پٿر جنهن جي هيڻان مرحوم/ مئل پيل هجي.

Ahkal
نسبت، نسبتي ماپون.

Ainakari
آئينہ ڪاري، شيشي جو ڪم (عمارت وغيره
جي سونهن لاءِ).



Air-Brick
هوادار سِر، (اهڙي سوراخدار
سِر جنهن مان هوا جو گذر
هجي/ ٿي سگهي).

Aisle
ديول جو پاسو (ديول يا ڪنهن عمارت جو حصو
جيڪو مکيہ عمارت جي ڏڳهي وايي سان متوازي
هلي ۽ وچان محراب بندي يا
ڪنهن پلوڙي يا اوٽ سان
الڳ ڪيل هجي.



Aiwan
دالان، هال

Ajaibi
چئن ڏلهن تي بيڏل ڏَوَن (9) پاڳڻ واري ڇت
سان چوبي ڇٽي/ شاميانو.

Al Lukat
رنگين سرن جي پچيڪاري، رنگ برنگ جو مرقع.

Alar
پر، ڪنپ، ڪنين يا پرن جهڙو (نقش).

Alcazar
ننڍڙو محل، ڪوٽڙي، بازار.

Alcove
گوشو ڳُنج، ڪمري يا پٽ
۾ محرابي طاق، گنجائش.




Alicado
ڏسو Azulejo.

Alinda
وراندو، غلام گردش.

Alley
گهٽي، ڪُوچو.

Al-Qubbah
گنبدي يا گولائي واري ڇت سان اڏاوت.

Altar
قربانگاه، مذبح، ويڏي آسٽ (اڏاوت جنهن تي قرباني ڪجي يا قرباني ۽ واري شيءِ رکجي؛ (تاريخ جي وچين دور ۾ قربانگاهه ڏاتو جا ٺهيل ۽ ڪٽي سگهڙ جهڙا هوندا هئا. يونان ۽ روم ۾ ان جا گهڻائي قسم آهن. عيسائي قربانگاه اڪثر پٿر جي ميز يا تختي جهڙو هوندو هو جنهن تي ڏرمي ڪريا ڪرم يا رسمون ادا ٿيندڙيون هيون. بعد ۾ پوتر پوڄن لاءِ انگلينڊ ۾ قربانگاهن لاءِ ڪاٺ جي ميزن جاءِ والاري.)



Altar Tomb
وچين دور ۾ اهڙين قبرن کي سڏيو ويو جيڪي قربانگاه جي شڪل جهڙيون هيون.

Altarfrontal
ڏسو Antependium.

Alto-relievo
گهٽو اُپريل ڇت.

Alure
ڪٺهڙو آچاڙي گهوم (ڪنگريدار پٽ يا ڪٺهڙي جي پويان آچاڙي گهوم يا رستو جنهن تي نظاري يا نگهباني لاءِ هلي سگهجي.)

Alveolate
ماناريو ماناري نما شيءِ جنهن ۾ ننڍا ڇُڳهه ٿين.

Amalaka
نانگ مندر ۾ شخارا، شڪارا جي ڪلنگي (وچين دور جي گنبڊن تي به استعمال ٿي آهي.)

Amalka / amalasila
ڪنهن به عمارت جي چوٽي واري ڪلس جو گدري نما انگ يا جز.


Ambo

مسند، (ٽلهو ٻن يا وڌيڪ پوڙين وارو ٽلهو جنهن تي ويهي خط/ خبر ۽ خوشخبري/ انجيل پڙهي ٻڌائجي. (وچين دور ۾ رومي چرچ جو مکيه پرڪار هو) بعضي ٻنهي قسمن جي بشارت لاءِ

الڳ (هڪ اتر ٻيو ڏکڻ پاسي ٽلهو ٺاهيو هو. پر پوءِ ان کي منبر (pulpit) ۾ تبديل ڪيو ويو).

Ambry/ Aambry (گرجا ۾) ڪٻٽ يا پٽ ۾ ٺهيل طاق، مودي خانو پنڌار.

Ambulatory گهوم چارو (هن جي صورت مغربي ديول ۾ هڪڙي آهي ته مشرقي استوپا ۾ ٻي آهي. استوپا جي صورت ۾ هن کي Pradakishina patha ۽ چون جنهن تان هلي استوپا جي چوڌاري ڦيرا ڏجن هن کي جلوس جو گس (processional path) ۽ چون. چرچ يا ديول واري صورت ۾ هي گهوم چارو سڏي دالان (sanctuary) يا محرابي طاق (aspe) جي ٻاهران اڌ گول يا گهٽڪندي بغلي رستي (aisle) وانگر ٿئي.



Amman ديوئ جي ڪريا ڪرمي آڇيان لاءِ ٺهيل مانڊو يا ڏيوَرو (خاص ڪري ڏکڻ پارت ۾).



Amphiprostyle ٻه ڏيڏيو مندر، هن جي ٻنهي ڇيڙن تي، پاسن وارن ٺلهن کان سواءِ ڏيڏيون ٺهيل ٿين.



Amphitheatre گول آکاڙو/ تماشگاهه، گول يا بيضوي ميدان جنهن جي ٻاهران نشستن جون قطارون هيٺ کان مٿي ٺهيل هجن.

Amud ٺلهه يا پيلپائو جيڪو صرف زيبائش لاءِ هجي.

Anaglyph گهٽ ايريل چٽ، نقش، ويڙو چٽ.


Anarthapaga ڪنهن عمارت جي ڪنڊ وٽ وڌيل انگ يا مٽاچرو.

Anarthrous
بنا جوڙ (jointless)، بنا ڳنڍ

Anastilosis
روتڙ، ڪنهن به اڏاوت يا عمارت جا سڀ انگ اکيڙي وري ساڳيءَ ريت جوڙڻ جو عمل.

Ancons


ڪمانچ يا ڏنگڙيون، دروازي جي ٻنهي پاسي ڏنگڙيون، جي ڪانس يا ڪنڊي ڪي سهارو ڏين.

Andersonshelt
هوائي حملي کان بچاءَ لاءِ ناريدار (corrugated) پڙچ، جو ونگن سان کڄڻ جهڙو يا چوري سگهڙ جهڙو گبرو، ڪتل گبرو.


Andiron
باهه ۾ برندڙ ڪاٺ کي سولو رکڻ، ته جيئن باهه متل رهي، ان لاءِ هينان ڏيڻ لاءِ ٻي ڪاٺي وغيره/ آڏ (Fire Dog).

Anfractuous
وروڪڙ (winding).

Anghri
انگهڙي، ننڍو پيلپائو مُتڪو.

Ankh
ڪُنجيءَ نُما سئون منڊيئڙو (cross †) جو مصرين وٽ حياتِ جاوداني ۽ تخليقي قوت جو اهجاڻ آهي. هن جي شڪل انگريزي حرف T (ٽي) جهڙي ٿئي پر افقي ليڪ مٿان ڪنڊيو هجيس.


Annulet
پيلپائي جي چوڌاري حلقي نما انگ يا نقش، حلقہ ستون، ويڙهه (shaftring) .

Ansab
انصب، (زبور ۾ استعمال ٿيل لفظ) اُپا ڪتل پٿر، (جي غير اهل ڪتاب مسلڪ وارن لاءِ باعث احترام هئا).

Anta (Plee)

پٽيرو (pilaster) جنهن جو سر ستون يا پاستون ڪنهن ڪلاسيڪل طرز تعمير سان واسطو نه رکي، هي پرڪار خود پٽ جي ان جاءِ کي ٽُلهو ڪري ناهجي، پٽيرن جي وچ ۾ جيڪڏهن پيلپاوا آهن تہ انهن کي بہ (columns in antis) چئبو.



Antarala

ڪنهن زيارتگاه جي اڳيان واري ڪوٺڙي.

Ante chamber



پيش خانو ڏيڍي يا (vestibule) پيشگاهہ (ڪوٺڙي جيڪا وڏي هال ڏانهن ڪُلندڙ ڪمري جي اڳيان هجي. (ڏسو:Antarala). ديول جي سرودگاهہ

Ante choir

(choir) جي اڳيان خالي جاءِ، سرودگاهہ.

Ante church/ fore church

ديول جي اولهہ ڇيڙي تي ٺهيل زائدو (appendix) جو پيش دالان يا ڏيڍي، جهڙو ڏسجي، پر هن ۾ ڪٽ (bays) ناپ ديول (nave) ۽ بغلي رستا (aisles) بہ ٿين.

Antefixae

ڇت جي سِرن جي مُنڊين کي لڪائڻ لاءِ مٽان يا اڳيان وڏل آرائشي دوڳ، اڳ زيبو.

Antependium

قربان گاهہ جي مهاڙيءَ کي ڍڪڻ يا لڪائڻ لاءِ ڏاتو يا اٽات جو ڍڪ يا اوڇڻ، چڪ.

Anthemion

يوناني ۽ رومي طرز تعمير ۾ ول جي هڪ قسم جي پنن ۽ گلن جا ٺهيل نقش، ولڪاري.



Apadana (Apadhana)

قديم ايراني اڏاوت جو انگ، کليل يا آڇن پيلپاون وارو دالان، جو تخت يا مسند جي هال طور ڪم ايندو هو. مسند گڇ.

Apexstone
جنڀائين اڏاوت جي چوٽيءَ جو پٿر، جيڪو بعضي saddle stone ۾ ڪوٺجي.

Apisdisle
ننڍو محرابي طاق، جو وڏي ديول جي مکيہ محرابي طاق جي ٻاهران متصل ٿئي.

Apophyge
پيلپائي جي سرستون ۽ پاستون جي هيٺان، مٿان هلڪو يا ٿورو ورُ.

Applied column
ڏسو: Engaged column.

Apron
هوائي اڏي تي سخت پڪو پٽ، جتي جهاز بيهي، ساموندي گوديءَ جي لنگهہ هيٺان وڌيل ڪرو يا ٻنو دريءَ جي چائنٽ هيٺان اُپريل قاب يا ڏيو.

Apse

محرابي طاق، ديول جي اوپر پاسي يا ننڍي ديول جي چيڙي وٽ، گولائون يا ڪنڊن سان طاق.

Apteral
ڪلاسيڪل طرز جي عمارت جنهن جي پاسن سان پيلپاوا نہ هجن پر پچاڙيءَ ۾ هجن.

Aqd
گنبذي چت (aqd-mazahar)
(cross-vault) aqd- barrd, vault).

Aqueduct
نالي، ڪسي، (رومي نمونو اهو آهي تہ ونگن تي مٿاهين ٽهيل عارضي قسم جي ڪسيءَ رستي پاڻي پهچائبو آهي.) سرن جي ٽهيل عارضي ٿوري وقت لاءِ ڪسي. ستون بر نالي.



Araeostyle
ترتيب جنهن ۾ هڪ پيلپاوي کان ٻئي تائين وچ ۾ چئن (پيلپاون جي) قطرن جيترو مفاصلو هجي. (اهڙي ريت پيلپاون جي وچ ۾ مفاصلن جي لحاظ کان ٻيون بہ ڪيتريون ئي ترتيبون آهن.)

Arbour

گوشہ۔ عافيت، باغ ۾ گھٽو ڪري جافريءَ سان اڏوات جنهن تي اڪثر گلن واري ول چڙهيل هوندي آهي.

Arcade

ونگن جو سلسلو جو ٿلهن يا ٿنڀن تي ٽهيل هجي. ڏڪيل گذرگاهه جنهن جي پاسن سان دڪان هجن، چتيل گذرگاهه، ونگاٽو.



Arch

ونگ. محرابي شڪل، هن جا لڳ ڀڳ ٻه ادائي درجن قسم آهن:



Basket	Catenary	Corbel
Dispressed	Discharging	Drop
Elliptical	Equitetral	False
Horse shoe	Keel	Lancet
Ogee	Pointed	Raking/ Rampant
Segmental	Segmental points	Shouldered
Skew	Stilted	Straimer
Tudar	Straight	Blank
Relieving	Rowlock	وغيره

Arch braces


مڙيل ٽيڪون (braces) جيڪي جوڙ جو ونگ ٺاهين.

Architectonie Lavanya

ڪنهن عمارت جو مجموعي طور ڏيک، تاثر.

Architrave

سر لنگهه ٿلهه ڪان ٿلهه تائين، برستون جو بنه هيٺيون شهتير، جيڪو سر ستون تي رکيل هجي. (مختلف جزن جو گڏيل نالو هن ۾ زهه سردر، ٻانهيون شامل هجن ٿيون.)



Archivolt



ونگ جو اندريون حصو 'ڪوڙو' يا ان جي ڪاڙ ڪڙت. ونگ جو پائڪمان کان پائيڪمان تائين سڄي هيٺين سطح (Intrado) تورائ ريکا.

Arcuated

ڪماندار، اڌاوت جو قسم جيڪا ونگن سان هجي.

Ard

ويڪر، موڪرائي (width).

Ardha Chandra

اڌ گول پٽوڙين واري چاڙهي.

Ardha mandra pam

ڪمرو يا ڪوٺڙي جيڪا مکيہ دالان کان اڳ ۾ هجي.

Arena



گول تماشگاه جو وچون پڙُ جتي تماشو ڪجي/ ٿئي، مرڪز ميدان يا پڙ رنگ پومي.

Arris

بن سطحن جي ملڻ ڪري ٺهيل تکي، مُڏي يا مڙيل ڪُنڊ، آندي.

Arsenal

آتش خانو، هٿيارن ۽ بارود وغيره رکڻ لاءِ جاءِ، بارود خانو.

Artisan

ڪاريگر، ڪلاڪار، هنرمند، دستڪار يا حرفت ۾ ماهر، پڙ، استاد، ڪاسبي.

Aruna stambha

ارونا کي ارپيل ٿلهو، ارونا ڪنيا.

Aryaka

پنج ڪمپا يا ٿلهو، جيڪي ٻڌ ڌرم جي پنجن ڏيانن جا اهجاڻ ۽ پوڄا لائق ٿين.

Asas

پيڙهه، بنياد، اساس.

Ash hole/pit


چلهه جي وچ ۾ رکَ ڪڍي ٿيڻ لاءِ ڇُڳهه (رکڻو).

Ashlar



گهڙيل، پلٽيل يا پٽريل مسالو (Masonry)، (سرون، پٿر وغيره) ٽاڪيل پٿر، گهڙيل پٿر.

Ashlar piece	ننڍي اُپي ڪاٺي جيڪا (wall-plate) يا (Timber- pad) ڪي مٿين پٽي سان ملائي.
Ashta Dikpala	اٺن پاسن جا محافظ، اٺ يوراج.
Ashta-Bhadra	اٺڪنڊو آڪاس ، اٺ پاسو (جنهن ڪي اٺ پاسا يا ڪنڊون هجن).
Asna	آسڻ، تخت، گادي، نشست.
Asta sutra kam	پاڪ ـ پارت عمارت سازي ۾ عام ڪم ايندڙ اٺ اوزار.
Astanah	اُجلو منڊل شفاف گنبذ، جنهن ۾ مان ڏسي سگهجي.
Astragal/ Kumuda	ٿلهو يا پيلپاوي ڪي پائيستون جي مٿان گول حصي وارا بند يا ڪنگڻ.
Astriod	تاري جهڙي شڪل جو، ستاري نما.
Astylar	بنا ٿلهن وارو، پيلپاون يا ٿنڀن کان بغير (مهاڙي).
Asvathara	مندر جي ٻُهري يا تهه خاني ۾ گهوڙي جو گهڙيل مجسمو / پتلو، نقش اسپ.
Ata	(ترڪي، فارسي ٻولي ۾) ديوار، پت.
Ata (Hindi/ Skt)	alcove, niche طاق، پت ۾ پيٽل جاءِ (زينت لاءِ).
Athisthana	(base) بنياد، پايو.
Atlalaka	(tower) منارو، برج.
Atlantes	(رومي لفظ telamones) ٿلهن جي عيوض مرد جو مجسمو (kichaka) پر جيڪڏهين عورت جو مجسمو هجي تہ ان کي (canephora) چئبو.
Atop	چوٽيءَ تي، مٿان.
Atrium (pl.Atria)	(رومي) گهر ۾ ڪليل ميدان، بعضي گهٽماڙ جاءِ ۾ به وچتي ميدان ٿئي.



Attic base	(گھٽو ڪري ionic ٿلهه جي) پائيستون تي ٻٽيون اپٽيل ڪورون يا ٻٽا ڪنگڻ، هيٺين جو قطر وڌيڪ ٿئي ٿو. 
Attic storey	ماڙي، ڪنهن عمارت جو مٿيون طبقو يا طبقا
Auberge (An inn)	سراءِ، مسافرخانو.
Aumbry/ambry	ڪٻٽ يا طاق جنهن ۾ مقدس/ پوتر ٿانو يا باسڻ وغيره رکجن، باسڻ خانو.
Avant corps	عمارت جو اهو حصو جو واضع طور مکيه اڏاوت کان وڌيڪ يا ٻاهر تي نڪتل هجي، زائدو.
Axial plan	عمارت، جنهن جو مدار، مرڪز سان نه پر، ڏيگهه سان لاڳاپيل هجي. ڏيگهه ۾ رٿا.
Axonometric projection	پوءِ پيمائي نقشو يا خاڪو جيڪو درست ماپن موجب، ٽ- رخي (three dimentional) صورت ۾ ڏسجي.
Azulejo	روغني يا رنگدار سِر جيڪا مٽان ڏيڪ لاءِ لڳائجي. 
Reararch / Rere arch	در يا دري وغيره جي ونگ جيڪا اندرئين پاسي ٿئي ۽ ٻاهرئين ونگ کان ڪنهن ريت مختلف ٿئي /هجي.

B

Babel



گھٽي اوچي اڏاوت، غير ضروري بلند عمارت.

Bada

مندر جو چورس ڪمرو (سواءِ sikhara جي) بنا ڇت ڪمري جون ديوارون.

Bagnio

گرم حمام خانو، مشرقي جيل، ڇڪلو.

Baguette/ bagnette

گھڙت، ٽنب جي اڌ گھڙيل چوٽيءَ (astragal) وانگر اڌ گول جھڙي گھڙت يا نمونو.

Baignoire

ٿيٽر يا ڪُتي ۾ عارضي دڪانن جي سطح تي نويڪلو يا الڳ ڪمرو.

Bail/ bayle

ڪنهن ڪوٽ (castle) جو اندريون اڳڙ يا ان جي ديوار. ٿوٽين وسيلي قلعي بندي جون نروار ڪيل حدون، گھوڙن کي الڳ رکڻ لاءِ وچواريون ارليون.

Bajri

بجري (gravel).

Balcony



پٽ کان ڏنگين، مدن يا ٿلهن تي بينل چبوترو جنهن جي ٻاهران جھنگلو يا لانا ستون هجن، وڏاوڙا.


Baldachin

(ڏسو Ciborium). چٽي جيڪا تخت، قربانگاهه يا دروازي جي مٿان نويڪلي ٿلهن تي يا پٽ مان يا ڇت کان ٽنگيل هجي. اها ڪجڻ جھڙي به ٽي سگھي ٿي.

Bali-mandapa

اڳيون صفحو يا دلان.

Balistraria




چوبي ڪمان ڪانچو (عسڪري عمارت سازيءَ ۾). ڪُنگرن ۾ چوبي ڪمان لاءِ ٿهيل ڪانچو (چوبي ڪمان cross bow).

Balk/ baulk

ٻنو، ڏاڪو، گھڙيل وَرو، روڪ / رنڊڪ.

Ball-flower



ڪنهن خال يا چگهه ۾ ڪينهونءَ (بال) جهڙو نقش.

Balloon

ڦوڪڻو اڏند ڪتولي، وِماڻ.

Balneary

نندو ڪلال خانو هوتل.

Baluster/ balustrade



لائو ستون، جهنگلي يا چاڄي وغيره جي مٿين ڪاڻي وغيره، جن لائن ستونن تي بيهي، ستونن جي اهڙي سلسلي ۽ جهنگلي کي گڏي balustrade ڪوٺبو آهي.

Bamli

درٻار يا صحن (court يا courtyard).

Band or plat bank

اٽگهڙيل اُپريل حاشو جيڪو ديوار جي ٻاهران ٿئي. اُپريل حاشو.

Band stone

اوسار جو ڪوبه عنصر جيڪو پٿ ۾ بهت پيل هجي ۽ اوساري کي سوگهو ڪري.

Banderol

سڏو پٽو جنهن تي ڪجهه لکت هجي يا ڪي نقش ٿهيل هجن.

Bandetel

ٿنب (column) جي چوڦير نندي سادي گهڙت.

Bandhana

بندڻ، ياڳو يا حصو پت تي مختلف قسمن جا گولا يا گهڙتون.

Banister

جهنگلو، جهنگلي جون ايپون ڪاٺيون، انگهڙيون، متڪا.

Bank

مٿي اپريل وِڪر يا ميدان يا زمين.

Banquette

مٿاهون رستو پاج، ڏُس، قلعي جي ڏُسبندي جنهن تي سپاهي پهرو ڏين، پل جي پاسن کان مٿاهون رستو (foot path).

Baoli

ٻائولي، کوهه، جنهن ۾ اندر پاڻي تائين پهچڻ لاءِ/ پوڙيون هجن.

Bapistery
اڪثر ديول کان الڳ عمارت جنهن ۾ بپتسمہ جي پاڻيءَ لاءِ برتن بہ هجي. بپتسمہ لاءِ عمارت.

Bar
لڪڻ، ٽنيو (Rod, pole).

Baradari
باره دري، نويڪلي ڪليل ڇتي، جنهن جي هر پاسي تي لنگهہ هجن.

Barajhanir
مندر جي دروازي تي اُڪريل ڇت (اوڙيسا).

Barandi
مندر جي بادا ۾ چينو يا ويري (partition) يا حصو.

Barbetle
دمدمو. قلعي جي ديوار اندر ٽلهو جنهن تي توب رکي هلائجي.

Barbican

ڳڙهہ ڳُڄ، شهرپناهہ جي لنگهہ وٽ باهر وڌيل بُرج. ڊُواري برج.

Barga
برگو: گهڙيل ڪاٺ جو ٽڪر يا تير، وَرو.

Barge
(gable) پاکي ڇت، ٽڪنڊي مهاڙي يا جنڊيءَ واري ڇت.

Barge boards

ٽڪنڊي ڇت جي لڙيل ڪنارن جي ڇيڙن کي ڍڪڻ لاءِ لڳايل ڪاٺ جا تختا.



Barge stone
ٽڪنڊي ڇتِ جي لاهيءَ واري پاسي تي لڳل پٿر / سرون.

Barge stones
پاکيدار يا ٽڪنڊي ڇت جي ريکا يا پهيءَ ۾ لاهي سان لڳل پٿر يا سرون.

Barhole
ديوار جو سوراخ جنهن ۾ دروازي جي تاڙي (bolt) پوي.

Barmkin
ڪوٽ (castle) جي باهرين پٽ يا ان تي ٺهيل ڪنگرا.

Barn
سادڙي اڏاوت جيڪا اناج يا چاري رکڻ جي ڪم اچي، پاندو.

Barracks	مستقل سادیون ڪوٺيون يا ڪمرا جن ۾ سپاهي يا فوجي رهائجن.
Barrel- vault	 سرنگهي تجر، لاڳيتا محراب (ڏسو: Tunnel vault)
Barricade	گهٽي يا روڊ بند ڪرڻ لاءِ عارضي ٺاهيل رڪاوٽ، ديوار.
Barrier	لوڙهو بند، لڪڻ ڪوٽ، احاطي جو دروازو.
Bartizan	ٻيڙ ٻني يا مناري جي چوٽيءَ واري ڪنڊ ڪان مٿي وڌيل مُناري، لگهو مينار.
Basanta	پت ۾ ٻاريءَ يا ڏيي جهڙو ڪو عنصر.
Base	 پائيستون، پيڙهو، ٿلهه يا پيلپائي جو هيٺيون حصو.
Basement	مکيه عمارت جي هيٺان يا زير زمين طبقو/ اڏاوت.
Basilica	(ڏسو: خاڪو) گرجا، جنهن ۾ Aisles apse, nave narth يعني منڊي واري/ عرضي ڏيڊي ناف، محرابي طاق (پچاڙي ۾) ۽ (پاسن ڪان) بغلي نشتون هجن. 
Bass- relief	 گهٽ اڀاريل يا وينوڙو چٽ/ اُڪر.
Basti	مندر (Temple)
Bastile/ bastille	جيل، قيد خانو قلعو (outwork redout).
Bastille/ bastel	ڇُري سگهندڙ منارو قلعي جي بچاءِ جو برج.
Bastion	برج.
Bastle/ bastel	ٻني پر گهر، ڪيت گهر.
Bats	سِروتا (سرن جا ٽُڪر).

Batten
سنهيون چيريل ڪاٺيون يا پٽيون.

Batter

خميدگي، مٽ سوڙهي هرمي ديوار، ديوار جيڪا مٿي هڪ پاسي کان لڙي سوڙهي ٿئي.

Battery

مورچو، توبخانو، ڪُڏيون (آري وينل ڪڙين لاءِ)

Battlements
ڪنگرن واروپيڙ، ڪُنگرا، ڪنگرن وارو اولو.

Bawn
ڪوٽ (castle) جو ايوان، گهر جي ٻاهران ڪوٽ يا ديوار، ۽ ڊور ڊيگن جو واڙو يا پاڻ.

Bay

ڪٽ، جاءِ جو عمودي حصو جنهن کي الڳ ڇت ٿئي يا پاسن کان ٽلهن يا پت پرن وسيلي جدا هجي.

Bay Bridge
پٿر مان ٺهيل ڳڙهي. ڪوٽ (castle) جي وچ ۾ ڪليل ميدان، ايوان يا اڳڻ.

Bay window

ديوار کان ٻاهر تي نڪتل دري.


Bazaar
بازار، بزار، بازر.

Bead and reel / Bead fillet
پويل مٽين جهڙي مالها، ڏسو Astragal.


Bead moulding
ڪنهن entablature (پرويس بالا) ۾ corna (ڪنار پٽي) ۽ freeze (سُندربند) جي وچ واري ٻڌ/گهڙت.

Beakhead

مختلف ساهوارن (جنهن ۾ ماڻهو به آهي) جون مُنڊيون جن جي چڪ ۾ ڏوري ٺهيل ٿئي.

Beam	داسو ورو شهتير، اڏاوت جي مکيہ ڪاٺي يا تير ڪام جا هڪ پت کان ٻيءَ تائين پوي، (joist) اريبي داسو.
Beaux art style	هڪ ڪلاسيڪل اڏاوت جو نمونو جيڪو خوبصورت ٿئي ۽ ڪيترن ئي ملڪن ۾ رائج آهي.
Bedi	ويدن جي پاٺ لاءِ خاص ڪمرو يا صفحو.
Bedight	مُزين ڪرڻ، سنوارڻ، سينگارڻ.
Beehive house	چوڻري نما، پراٽي ڊينگ جي اڏاوت (گول پٽ رٽا (plan) ۽ گهٽو ڪري پٽرن سان ٺهيل) چتي وڙو گهر.
Beetle	 اڳتي جُهڪيل.
Beki	ڪلغي ۾ آلما جي هيڻان پيل پٽر يا ٽڪر وغيره جو ٿُڪر.
Belfast roof bowstring	چت جيڪا مڙيل ڪاٺين جي ٽائي (frame work) ۽ چوبي چپرن سان ڳنڊيل اتصالي داسن tie beams تي اڏيل هجي.
Belfast roof يا bowsting roof	مُڙيل چوبي ڍُريدار پاين واري چت، جنهن ۾ افقي پت پٽا هلڪڙن اريبي ڪاٺ جي جهروڪن سان جڙيل ٿئين.
Belfry	گهنڊ خانو مٿين ڪوٺي، چت يا مناري جي مٿين حصي ۾ گهنڊ جي جاءِ، جرس گاهه.
Belfry	 گهنڊ لاءِ خانو. گرجا جي چوٽيءَ ۾ گهنڊ لاءِ ڪمرو يا خانو. ڇُرڻ جهڙو چوبي مينارو.
Bell cote	گهنڊا گهر.

Bell gable



گھنڊ چوڻڪ، ڇت تي ٽهيل چوڻڪ جنهن ۾ گھنڊ ٽنگيل ٿئي.

Belvedere

نهار/ نظر منارو (gazebo). گھر جي ڇت مٿان نظر گھمائڻ لاءِ منارو، منظر گاھ.

Bema

مقرر يا واعظ لاءِ ٺهرايل ٽلهو(Tribune) ٽلهو، محرابي جاءِ (apse) ۾ پادرين لاءِ اڏيل ٽلهو.



Bench

ڊگھي نشت.

Bench-ends

(ڏسو pew) ڪليسا ۾ نشستن واريون بينچون جن جي هڪ ڇيڙي تي ٻانهون هجن.

Benching

نشستن جي تري جي گولائي، تري ۾ ڪنڊن جي گولائي.

Bending movement

مرڪزي قوتن جي نتيجي ۾ شهتير وغيره تي پوندڙ مجموعي اثرات يا وَرُ. موڙيندڙ حرڪت

Berm

ڪوسوڙهو ڪليل رستو جو ڪاهي ۽ حفاظتي ديوار (rampart) جي وچ ۾ يا قلعي جي ٻٽ ۽ خندق جي وچ ۾ هجي.

Beton brut

خام/ رهجي ويل مسالو (shuttering) (چوبي قالب) هٽائڻ بعد، اصلي يا ڪچي حالت ۾ رهجي ويل مسالو.

Bevel

گونيا، ڪُنڊ مارڻ.

Bhadra

شِڪارا جو سڏو يا سنئون پاسو.

Bhamli

مندر جي ديوار جي اندرين پاسي ۾ بهرو يا خانو.

Bharma

(گجراتي) "ڪنهن شيءِ جي" چوڦير ڦِرڻ لاءِ رستو.


Bhoga mandapa

پوڄ منڊپ، هال، جنهن جون ٻٽيون شعاع موٽائين (refractory hall)

Bhumika
پوميڪا، منزل، طبقو، ماڙي.

Bidet
مٽاهون سوڙهو غسل خانو جنهن تي لانگ ورائي ويهجي.

Bight
رسيءَ جو وڪڙ يا ڳارو وڪڙ، ڪناري ۾ ڪوپ، اپسمنڊ.



Billet
چوڪور يا ويلٽائي ٽڪر مقرر فاصلي تي يا متبادل ترڪيب ۾ ٺهيل هجن.


Billet
ڪائيءَ جو ٿن پاسن کان گهڙيل ۽ چوٽين پاسي کان گولائي وارو ٽڪر، ڏاتوءَ جي لسُري يا ننڍي لٺ، ڪنهن پوري گهڙت ۾ رکي رکي پيل ننڍا ويڑها، ننڍن اسطوانن (cylinders) ۾ وٺيون.

Binder
ڏسو (through stone – tie beam).

Bistro
ننڍو گتو يا هوٽل.

Blade
ڦرهو (پسو crucks).

Blind arcade
بند ڪماني گذرگاهه (ڏسو arcade) ونگن جو سلسلو جو پيلپاون يا ٿنڀن سان هجي پر پت سان لڳل هجي.




Blind Tracery
پت، دروازي يا ڦالڪي جي مٿان لڳل يا ٺهيل جاريءَ نما چٽ يا نقش و نگار.

Blind window
پت وغيره ۾ جُڙيل دري

Blindage
لشڪر لاءِ پلويڙو، ڳڪن جي ٽٻي.

Block
گهرن جو جهرمٽ، ويڑهو اوسار (masonry) جو تيار ڪيل چڪو.



Block house
اڪيلو قلعو، ننڍو عارضي قلعو هڪ ماڙڪاٽ جي عمارت.

Block house
ڪاٺ يا پٿر جو گهر/ عمارت جنهن ۾ حفاظتي لوگها تير هٽڻ لاءِ هجن.

Block plan
ڪنهن عمارت جي رٿا جو (بنا تفصيل) نقشو جنهن ۾ آس پاس ۽ پاڻي جو نيڪال وارو نظام ڏيکاريل هجي.

Blocked
(لفظ پيلپائي لاءِ استعمال ٿئي) پيلپائو جنهن ۾ ترتيب سان (blocks) يعني چڪا ٿهيل هجن. جيئن gibbs surround ۾ ٿهيل هوندا آهن.

Blocked column

پيلپائو جنهن ۾ متبادل چوڪور ۽ گول چڪا هجن. مختلف گهاڙ جي چڪن مان ٿهيل پيلپائو.

Blocked rustication
چڪ اوسار، کهرن، کڙپڙين يا اٽگهڙيل چڪن جي اوسار.

Blocking course
(ڪلاسيڪل عمارت سازيءَ ۾) پٿرن جو سادو بار جيڪو ڪنهن عمارت جي مٿين ڪناري تي يا عمارت جي پيڙهه مٿان ڏنل هجي.


Bloom's burry
ٿهڪي قهڪي وارو يا رهائشي پاڙو، وضع قطع وارو محلو.

Boast

باهر نڪتل يا وڌيل پٿر جيڪو اُڪر يا چٽسالي لاءِ چڌجي.

Boasted work
سنگتراشي يا چٽسالي لاءِ تيار ڪيل سادا ڪمايل چڪا.

Bodhigai
(pushpa bodika) دراوڙي سرستون جي وڌيل ڏنگي.

Bodhika
پيلپيائي جو سر، سرستون.

Boiserie
سنهڙن ايريل چٽن سان سينگاريل قابڪاري

Bole
پت ۾ ڪُٽو.

Bolection moulding / Balection
ربط ساز گھڑت. ٻن مختلف سطحن جي وچ ۾ وڌيل گھڑت (جا سونهن ۽ وڌائي) قاب کان اڳتي وڌيل ڏاڪو يا ڏنو.

Bolster
ٿم، مُنو وچتي ڏنل اُپي ٽيڪ.

Boma
بچاءَ جوڳو احاطو. پوليس يا فوج جي چوڪي، واڙوارو لوڙهو.

Bond

جوڙ (سرن يا پٿرن جي اوساري جو)، ڳنڍ

Bond
سرن يا پٿرن وغيره جي اوساري، اوساريءَ جو نمونو.


Bond stone
(ڏسو parpen) ۽ رخو پٿر، ٻنهي پاسي نڪتل يا وڌيل پٿر يا سِرَ.

Bonnetile
مُڙيل سرون، ڇت جي ڍاڪن وٽ ملندڙ سِرن جي ڍڪڻ لاءِ ڪم ايندڙ مڙيل سرون وغيره.

Booth
ڪپڙي سان ٺهيل اجهو يا گبرو، ميلي ۾ تنبو بازار يا نمائش ۾ هَٽُ يا هٽي، مانڊٽي

Borrowed light
اندريون دريون، اڌاريل روشني.

Bosh
ٻڌي جي ڪُهي جو هيٺيون لاهاندي وارو حصو. ڍڍ کان چُلهه تائين.

Boss

گل ميخ، ڇت يا مڙيل ڇت وغيره جي ڏاندين (ribs) جي ميل يا چوسول تي لڳل گل ميخ.

Bostille
ڪوٽڙو جيل يا قيد خانو.

Botch
خراب ڪم، گندي يا ٻُري مرمت.

Bothy

پونگي، جهڳي، هڪ ڪمري جي جاءِ جنهن ۾ ڪمي يا مزدور رهن.

Boudoir	اندرون خانہ، نندڑو گھر (bower).
Boulder	پاڻيءَ جا گسايل وڏا پٿر، مُٽڪا.
Boulevard	وڻڪار مان لنگھ يا رستو شاهي گھٽي يا رستو جنھن جي پاسن سان وڻ هجن، ٽڏي سڙڪ.
Boulevard/ bulwark	ڪشادو يا ويڪرو رستو شاهراہ، قلعي جا ٻاهر تي نڪتل برج خاص ڪري لنگھ جي پاسن سان.
Boundary	حد، سرحد، ڇيڙو، ڪنارو.
Bounds	اوساريءَ جا مختلف قسم يا طريقا، مختلف جوڙ.
Bow string roof	(ڏسو belfast roof).
Bow Tell	(ڏسو edge roll) ڪُروي گھڙت، جنھن جي تراش $\frac{3}{4}$ ڪولي جيتري هجي.
Bow window	 مهاڙي ۾ وريل ڳڙڪي، گولائيءَ واري دري.
Bow window	ڏسو bay window.
Bowat/bowet / beset	(Lantern) روشندان.
Bower	مَنھُن، گوشو، ڪُنج جيڪو وڻن جي جھنڊ يا ولين جي ويڑھ هيٺان هجي.
Bow-street	باغ جي پرواري گھٽي يا رستو.
Box	ڪوڪو. نندڑو پھراڙيءَ جو گھر/ڪوٺڙي يا مثال طور rectory پادريءَ جو گھر / رهائش گاھ
Box	ڪوڪو (ڪورٽ ۾) پيچرو، ڏبو، ڪنھن ٿيٽر يا ڪلال خاني ۾ الڳ ڪمرو، چوبي چينو (partition) يا ستوني سلسلو/ قطار، ٻيڙ ٻني تي عارضي حفاظتي اڏاوت، ڪتل چوبي منارو، قصر جي پت تي ڏکيل گيلري (شھ نشين) ڪنھن ٻني سان گڏ نقش و نگار، ڪناري (cornice) گولو، فوجي پناھ، اولو.

Box Frame	ڪوڪائي چؤنڪٽ، ڪوڪي نما ڪڪري/ ڳچ جو چؤنڪٽ جنهن ۾ ننڍا ننڍا خانن وانگر گهرڙا هجن.
Box pew	ڪليسا ۾ پڪيون ڪٽل نشستون، هنن جي چوڌاري اوچو چوبي احاطو ۽ ننڍڙو در ٿئي.
Brace	سڌيون يا مڙيل اريبي صورت ۾ جڙيل ڪاٺيون جي چؤنڪٽ کي سگهارو ڪرڻ ۾ مدد ڪن.
Bracket	(ڏسو corbel) ڏنگي، اڪثر مرغولي يا وراڪيل صورت ۾ ڪنهن به شيءِ جي ڏنگي جا ڪنهن وڌاوڙي کي ٽيڪو ڏئي، نالبچو مدن. 
Bracketed stairs	ڏنگين وارا ڏاڪا/ چاڙهي يا ڏاڪڻ جنهن جي هڪ يا ٻئي پاڻهين ڏاڪن جي نسبت سان ٿهيل هجن يا ته انهن جي وريل/ گول قدمن هيٺان مزين ڏنگيون هجن.
Brahma kanda	چوڪور قطاع وارو ٿنب (column).
Brand reth	ڪوهه جي چوڌاري جهنگلو.
Brandi	پت جو حصو يا ڳو. 
Brattishing	ڪنهن پلوپڙي يا ڪناري جي مٿان ٿهيل خوبصورت ڪلغي.
Breast height	اندروني لاهي (inner slope)، قلعي جي ديوار يا پناهه جتي گولاباري کان بچڻ لاءِ ويهجي يا نوڙجي.
Breast wall	ڪنهن متيءَ جي بند کي روڪڻ لاءِ (پاسن سان ڏنل) ديوار.
Breast work	وقتي يا عارضي بچاءَ لاءِ چند فوٽ اوچي اوٽ يا اولو.

Bressumer / breast summer

افقي ورو/شهتير جنهن تي مٿان پت ٺهيل هجي يا لڙيل ڇت جي وڌيل حصي کي جهلي.

Brick work


هن ۾ stretcher, header ۽ closer جي کيڏ آهي. اوساريءَ ۾ header يعني ويڪرو پاسو stretcher يعني ڊگهو پاسو ۽ closer يعني اڌ استعمال ٿين ۽ سامهون يا ٻاهران نظر اچن. اوساريءَ جا کيترائي قسم ٿين.

Brick-nogged partition

اهڙو چينو (partition) جو ڪاٺ جي چؤنڪٽ ۾ سرون اوساري ٺاهيو ويو هجي.

Bridge, Bridge head

پُل، پل ندي، واه، گهاري مٿان جيڪا ڪن ٻن اتاهين کي ملائن لاءِ ٺاهبي آهي. هن جا کيترائي قسم آهن.



Brise-sokil

اُس- روڪ ڪليل دري جنهن ۾ اس جي بچاءَ لاءِ اُپا يا پاسيرا لڳايل پڙچ يا پکا/ پک هجن.

Broach spire

گهٽو ڪري اٽڪندڙ رٽا سان ڪليسا جي مناري مٿان وڌيل نوڪدار چوٽي.

Broach stop

ڏسو champer (stop- chamfer سطح، سطح جو آرائشي انت يا چيڙو.

Broch

(ڏسو beehive house).

Broch

(اسڪاٽ) ڊگهو، گول پٿر جو منارو.



Broken pediment

عمارت جي مهاڙ مٿان ٺهيل ٽڪنڊو، جيڪو پڳل يا ڪليل هجي، اهڙي ٽڪنڊي تاج يا چوٽيءَ وٽ پڳل يا ڪليل هجي، وٽياري سنتوري.

Brow	تختن جو لاڑئون رستو يا زينو جهاز يا ٻيڑي تي پاڻي مٿان اچڻ ويڙ جو رستو يا پل.
Brownstone	پٿر جو قسم، جنهن جو رنگ ڏنڊلو يا پورو ڳاڙهو ٿئي.
Buerane	ڪلاسيڪل عمارت سازيءَ ۾ ڊڳي جي مُنڊي ڪنڊي پاتل.
	(ٻکري يا رڍ جي منڊي کي aegricane چون.)
Building	عمارت، گهر، اڏاوت مباني.
Bulbous (dome etc)	قمقمي نما: ڊگهي ڳچي سان گنبذ.
Bulkhead	ڪليل دڪان، خانو، ڏٻو، جهاز جي ڪمرن جي وچواري ديوار.
Bull's eye window	ننڍي گول دري، Ceil- De- Bceuf وانگر.
Bullate	ڦُندڙيل، ڦوڪيل، پڙيدار ڳانڊيئو، ڳانڊيڙيو.
Bullwork= ram part	حفاظتي فصيل، ويڪري مٽاچري، چوٽيءَ سان اهڙي ديوار جي مٿان پنڌ هلڻ/هلندڙن لاءِ رستو.
Bult's eye	ننڍي گول يا لولهيري شڪل جي دري.
Bund	بند، دمدمو.
Bungalow	بنگلو هڪ ماڙ گهر (هي لفظ ڏکڻ ايشيا ۾ گهڻو استعمال ٿئي.)
Burj	برج (bastion)، (بعضي ٽل يا مناري لاءِ به استعمال ٿئي).
But and ben	ٻاهرين ۽ اندرين ڪوٺڙي يا ڪمرو.
Butt	هدف يا نيشان جي پٽيان ڏڙو.
Butting ram	پٽين ويڙهه لاءِ ڇڙواڳ ڳرو شهتير.
Buttress (7 kinds)	بوٽ: پشتو اوسار جو مايو يا ٽوڏو، جيڪو ڪنهن ڀت سان لڳايو وڃي ۽ دٻاءُ برداشت ڪري.

C

Ca-bane ڈانچي (fuselage) ۾ هوائي جهاز جي پرن کي آڌار ڏيڻ لاءِ ٺاهيو (frame work).

Cable moulding  گهڙت/ گهاڙ گهات جنهن جي شڪل وٽيل رسي جهڙي هجي.

Cabled fluting نوڙي کانچا، نوڙ جهڙي گهاڙ جا اڌ گول کانچا.

Caison سکڙو خانو، خالي کُهي جيڪا زير زمين اڏاوت لاءِ کوٽجي پوءِ ان ۾ مسالو پرجي (خاص ڪري پُلين جي تعمير لاءِ).

Calotte گنبد (بي گردو سار) اڌ گول شڪل جو گنبذ جنهن کي گردو سار (drum) نه هجي.

Camarin ننڍي ديول (اسپين جي چرچ ۾) اوچي قربانگاه جي پويان ۽ مٿان ٺهيل ديول جيڪا گرجا جي وچ مان نظر اچي.

Camber مُحدب ڪاٺ، چت ۾ استعمال ٿيل اهڙي ڪاٺي جيڪا اڏاوت جي وچ کي پاسن کان مٿي ڪري جهلي. لاٽڻ.

Came ڏاتو يا شيهي جي پٽي جا شبڪيل (latticed) درين ۾ لڳي.

Campa (fillet) پٽياٽو.

Campani form گهنڊ نما، گهنڊ جهڙي شڪل وارو.

Campanile  گهنڊدار منارو، گهٽو ڪري مڪيه عمارت کان ڏاريا الڳ ٺاهجي.

Cancello شبڪيل پردو يا جاري جيڪا مڪيه ڪليسا کي سرودگاه (choir) کان الڳ ڪري.

Canephora
عورت جي تراشيل يا گھڙيل تصوير جنهن جي متي تي يا هٿ ۾ ٽوڪري هجي.

Canes
ڪاٺ يا پٿر ڪاٺ.


Canopy
سائبان پيلپاون تي اڏيل ٽوپي يا چٽيءَ نما ڇت سان اڏاوت، در، دريءَ وغيره جي مٿان وڌيل مڙيل ۽ سينگاريل ڇاتو.

Canti-lever

مَدَنُ.

Cap
هوائي چڪيءَ جي چوٽيءَ وارو اِرڪڙ، گھٽو ڪري گنبد جي شڪل جھڙو مولاتو.

Cap stone
پٿر، جيڪو ڪنهن اڏاوت جي چوٽيءَ تي استعمال ڪجي يلڳ ٿائجي.

Capital

سرستون، ٿنب (column) يا (pillar) جي چوٽي وارو ڦالڪو.

Caponier
قلعي جي ڪاهيءَ (خندق) جي آرپار ڏيکيل رستو/ گذرگاه.

Caracole

گھنڊيدار ڏاڪڻ.

Carall
ننڍڙو مطالعي جو ڪمرو.

Carcase/ carcass
پيجرو يا ڍانچو.

Carin
ٻَني نما اڏاوت. ٻنو.

Carnae alignments
وڏين ڇپن يا پٿرن جا آثار (مختلف قسمن جا دفينا).

Carousel
چَڪڏول، چڪر وارو وروڪڙ (رستو).

Carrel
ڪتبخاني ۾ مطالعي جي ڪنڊ.

Carrel/ carol
دالاني طاقچو، دالان ۾ طاقچو (niche) جنهن ۾ راهب ويهي ڪم ڪري يا مطالعو ڪري.

Cartouche



آرائشي ڏيو جيڪو طومار (scroll) جي شڪل ۾ هجي.

Carve intaglio

اُڪيل چٽ. ڪنهن مادي ۾ ڪوٽيل چٽ يا نقش.

Carvelbuilt

تختا، هڪ ٻئي جي مٿان هٽڻ کان سواءِ ٺهيل.

Carvo-relievo

ايريل چٽ. ڪنهن مادي ۾ ايريل چٽ يا نقش.

Caryatid



پرستون (entablature) وغيره کي ٽنيڻ لاءِ عورت جي صورت جهڙا پيلپاوا.

Cascade

چادر، آبشار، خوبصورت باوانجهرو چاڙهو جنهن تان پاڻي چول سان لهي.

Casellated

ڪُنگرن سان آراسته.

Casemate

مُڙيل چٽ وارو ڪمرو، جنهن جي پٽ ۾ مارا ٺهيل هجن ۽ بيرڪن يا توب خاني طور ڪم ايندو هجي. پٽ ۾ ٺهيل محرابي ڪمرو.

Casement

1. دري وغيره جي ٻانهيءَ جو قبضي يا انجيس وارو حصو.

2. پيلپاون ۽ ٽنين يا در وغيره جي ٻانهين ۾ لڪدار گهاڙ.

Casern (e)

(اڪثر جمع ۾) سِپاهه خانو، بوراڪون/ بيرڪون

Casing

چونڪٽ، چونڪٽ جي استرڪاري.

Casino

ڪنهن وڏي گهر ۾ ننڍڙو پر آرسته گهرڙو جيڪو ناچ يا جُوا لاءِ استعمال ٿئي.

Castellated


ڳڙهيءَ جيان، ڪُنگرن سان، ڪُنگريدار، ڳڙهيارو.

Casting

پَلٽ (ڳارڻ يا پگهارڻ سان).

Castle

ڳڙهي. ديوار ۾ ڪنهن امير يا نواب جو گهر جيڪو الڳ (گهٽو ڪري) هجي ۽ ان ۾ حفاظتي بندوبست ٻ هجي.



Castrum

فوجي پاڙو (camp) عام طور تي مستطيل صورت ۾ ٻاهران برجن سان ديوار ۽ اندر ٻ مکيہ گهٽيون صليبي صورت ۾ رکن.

Cat

گهيري يا جلهه دوران چت جي مٿان چڙي/ لڙيل چت سان ڪمرو وغيره.

Catacomb

زير زمين قبرستان- مختلف سطحن سان جدا جدا خانا وراندن يا شہ نشين وسيلي هڪ ٻئي سان ملايل ٿين.



Catafalque

تابوتگاهہ تابوت گاڏي.

Catch basin

حوض، ٽانڪي، ترائي، هيٺاهين، ڪڏ.

Cathedra

اسقوف يا بشپ جي ڪُرسي يا مسند.

Cathedral

مکيہ يا وڏي ديول. وڏو گرجا گهر

Caulcole

ڪلاسيڪل ڪورنٿ سرستون مان ڪڍيل ڏاندي جيڪا هڪ پاسي واري ڪُنڊلي يا وکڙ کي جهلي.

Cause way Camps

(يورپ ۾) نئين پٿر جي دور جا لوڙها، آبادين جي ٻاهران کاهيون ۽ ٻنا، رَندڪون.

Cause-way

مٽيرو رستو سنگ بستا رستو- مکيہ عمارت ۽ بين لازمي يا ضمني اڏاوتن کي ملائيندڙ رستو.



Cavalier

ڪوٽ پوبان ٽلهو جيڪو توبن رکڻ يا نظرداري ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي.

Cavetto	سادي لڪدار گهاڙ.
Ceiling	اندرين ڇت، ڇڄ. سقف.
Cell	تجر جو هڪ خانو جيل جي ڪوٺي
Cella	ڪلاسيڪل معبد (عبادتگاهه) جو مکيه حصو (جنهن ۾ پنڌ سان وابسطه مجسمو رکيل هجي).
Cellure	قربانگاهه جي مٿان نيم اُستواني تجر (پينلن سان ۽ زيباوي) رستي جي مٿان نيم اُستواني تجر.
Cenotaph	 سماڌي فرضي قبر، سنگ يادگار، قبر جنهن ۾ مُردو نه هجي.
Centering	scaffolding ڪوازو، ڪنهن پڪي اڏاوت ڪي عارضي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڏانچو يا تختو.
Ceramics	چيني/ ٺڪر مان ٺهيل شيون (earthenware) سفال سازي، مختلف مِٽين مان ٺهيل شيون.
Chabutra	چبوترو، ٿَلهو.
Chaintimber	گول رٽا واري سرن جي پٽ ڪي سوگهو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ.
Chair rail	ڪمري ۾ چوڌير روڪ يا حاشيو جيڪو ڪُرسي پوئتي ٽيڪڻ سان ٻه ديوار کي خراب ٿيڻ نه ڏئي.
Chaitya	ٻڌ ڏرم جو پهاڙ مان ڪوري ٻاهرڪيل يا اُڪريل مندر جنهن جي هڪ پاسي ٻُڪا ڪيل استوپ هجي.
Chakla	چڪرو، پٿر جو ماني پچائڻ لاءِ چڪرو.
Chakra	چڪرا، قيٿو، ٻڌمت جو پَوِتر ڏرم چڪر، وِشنو جي چڪري يا ٽالهي.
Chalet	سُئز طرز جي جهوپڙي.

Chamfer	پخ، عمودي ڪٽائي، ڪنڊ مارڻ، ڪنڊ ڪري ختم ڪري ناهيل اُريبي سطح.
Chancel	ڪليسا جي اپرندي ڇيڙي جو اهو حصو جيڪو مکيه قربانگاه هجي ٿو.
Chancel arch	 صدر ڪليسا جي اولهندي ڇيڙي واري ونگ.
Chandova (هندي)	 سائبان، عارضي ڇاپرو (بخمل، ترپال وغيره جو)
Chandra-sila	چندرسل، زيارت جي در اڳيان رکيل يا ٺهيل اڌ-گول پوڙي/ ڏاڪڻ.
Chankadi	چوڪڙي رڪابنديءَ ۾ چونڪ ۽ چئن چئن گهرن جو هڪ ويڙهو.
Chankrama	ٻڌ گايا مهاتما ٻڌ جو سير يا سئر گاه.
Chantry chapel	ڪليسا ۾ يا ڪليسا سان شامل ننڍي ديول، جنهن ۾ ان جي باني يا ٻين جي روحن لاءِ جشن- عام ٿين.
Chapiter	سرسُتون، تاج، سُتون.
Chaptral	سرستون جنهن تي محراب اڏيل هجي.
Charnel- house	گهر يا پت جنهن ۾ مردا ۽ انهن جا هڏا رکجن.
Char-taq	چار طاق، چئني پاسي دروازي وارو ڪمرو، چو درو ڪمرو.
Chat (چت)	چت، جنهن جا مختلف قسم ٿين.
Chateau	پهراڙي جو وڏو گهر، ڳڙهي.
Chaukhandi (سنسڪرت)	چؤڪنڊي، ڪاريگري موجب چوماڙ عمارت پر عام طور چٽي يا چوڪور ڪليل مانڊوو.

Chauki
چؤڪي، پيلپاون جي وچتي ڪَرُ، پيش دلان جو لنگهه.

Chaumukh
پٽيون مليل چار مجسما، هر مجسمي جو مُنهن الڳ پاسي يا چئني پاسي مُنهن .

Chaupar (هندي)
چؤپار/ چؤپال، چوراهو، چؤنڪ.

Chauri
(fly-whisk) چؤنر، شاهي نشاني.

Chchandas (سنسڪرت)
چند (لئي ۽ تال) تعميراتي موزونيت.

Cheja (هندي)
رَدو، بار، هاري.

Chejara (هندي)
سِلاوٽ، سنگ تراش، رازو.

Chemise
ڪوٽ/ محل (castle) جو اندريون احاطو، پٽ اندر ايراضي.

Chemitype
اُڪر جو يا پلٽ سان اُتيل چٽ.

Chequer work
مختلف ماپي جي چوڪڙين سان پتين ۽ فرش جي آرائش جو طريقو.




Chess
بيڙين واري پل جي فرشي جو هڪ تختو.

Chevaux de frise
ڪاٺ جي در وغيره ۾ لوهه جا نوڪدار ڪير جيڪي حملي وقت فوج جي جلهه کان بچاءَ جو ڪم ڪن.

Chevet
ڪليسا جي اوپرندي چيڙي لاءِ فرينچ لفظ (هن ۾ محرابي طاق ۽ راهرو به هجي ٿو.

Chevron
سڌين ليڪن جا نانگ وارا نقش (خصوصاً منارين يا پٽيرن تي).



Chhajan (هندي)
ڇَپر: ڪاٺ جي ڏانچي ۽ ڪڪائين چٽ سان.

Chhajja (هندي)
ڇجو (balcony)، وڌاوڙو، ڇجهري.

Chhakka (هندي)
ڪُرسي يا بنياد (plinth)، چوڪي، جنهن تي عمارت اڏجي.

Chhapar khat
مکيہ دروازي جي مٿان ڇڻ يا اڻن ٽنڊين تي ٺهيل مستطيل شڪل جي ٽَجَر نما ڇت سان اڏاوت.

Chhapar (هندي)
ڇپر (ڏسو chhajan).

Chhapar-band
ڇپر سان ڇپر جوڙيندڙ/ٺاهيندڙ.

Chhatra
تعظيمي ڇَتي (ہڏمت جي).

Chhatra yashti
ڇترياشتي (ہڏمت) تعظيمي ڇتيءَ جي لَٺ، ڇڙهي.

Chhatravali
ڇتروالي (ہڏمت) تہ - ڇتي، هڪ ہئي مٿان وٽيرڪيون ۽ هيٺان وڏي پوءِ مٿان وچولي ۽ صفا مٿان ننڍي ڇتي.

Chhatri (سنسڪرت)


ڇتري، منڊپ، چندر سالہ ڇتي (گنبد واري ڇت ٽنڊين تي ٺهيل) (pillared pavilion, roofed by a dome or cupola).

Chhatta (هندي)
اندروني بازار، ڇانيل يا مٿان ڍڪيل بازار

Chicago window
دري جا سجي ڪڙ ۾ هجي ۽ ان ۾ چري سگهندڙ شيشي سان چوڪٽ هجي.

Chik

چڪ، شطرنجي، جافري، عمدي چڪ بانس جي چيتن جي ٽئي، هي درن، درين وغيره تي اُس، گرميءَ، سرديءَ جي بچاءَ لاءِ هٽجي.

Chimney
چمني، ڦُنديل بُخاري.

Chink
ڦوٽ، چير، ڏار، لوگهو.


Chita sala (سنسڪرت)
چٽ سالہ، تصوير خانو اهڙو ڪمرو يا صفحو جنهن جي پٽين تي نقش ۽ نگار هجي.

Chitera (هندي)
چترڪار، رازو مصور.

Chitra (سنسڪرت)
نقش ديوار ديوار ڪليسا، ديوار تي رنگين چٽسالي.

Chittagara
نگار خانو تصويرن رکڻ جو هنڌ يا جاءِ منڊلي

Choir



سرودگاھ، چرچ ۾ ڳائڻ وڄائڻ لاءِ جاءِ.

Chowk (هندي)

چؤڪ، ڪليل جاءِ جنهن جي چئني پاسي عمارتون هجن، گهرن جي مجموعي جي وچ تي ڪليل اڳڻ.

Chowki (هندي)

چؤڪي، چوڪي، پيڙهو، ايريل ٽڙو جنهن تي گهٽو ڪري نلهه، پيلپائو يا پتيرو اڏيل هجي.

Christies

لنڊن ۾ وڪري باز جو ڪمرو.

Chronogram

ماده تاريخ، وقت، سنج لکت/ اکر جن مان تاريخ نڪري، ڪتبو.

Chunum

چيرولي ۽ چُن جو گچ.

Cibourium

چتي، شاميانو، آفتاب گير.



Cill

sill چانئٹ (دريا دريءَ جي).

Cimborio

روشندان، (اسپيني لفظ) ڇت کان مٿي نڪتل اڏاوت ۾ روشني اندر پهچائڻ لاءِ.


Cincture

پيلپائي جي ڳڻي جي چوڏاري ننڍي اُپٽيل (convex) گهاڙ هجي جيڪا سرستون يا پاستون ۽ ڳڻيءَ کي ڏار ڪري.

Cingulum

شبڪي يا پيچري جهڙي اڏاوت.

Cinque-foil



پنج- ورقو/ پنج پَني شڪل يا انگ جنهن تي پنج پَن يا پاپڙيون هجن.

Cippus

يادگاري نل، يادگار طور نهيل نل يا نُلهه.

Circle on circle

ہٹو وَرُ رٹا يا پٽ رٹا (Ground plan) (تر- رٹا ۽ اُوچائي) بنهي ۾ موڙ.

Circummure
پٽ اندر بند، گهريل.

Circus

گولاون ڇيڙن سان ڊگهي مستطيل عمارت جنهن ۾ سنبيري نشستون هجن.

Cirque
پڙ، تماشگاه، قدرتي نظرگاهه.

Cirumvallation
ڪاهين يا قلعيبندي ۾ گهريل (ڪاهي يا ڪوٽ وغيره ۾ بند) هجڻ واري حالت.

Cistern
ٽانڪي، حوض.

Citadel
ڳڙهه. قلعي بندي جيڪا شهر کان وڌيڪ مٿاهين تي هجي.

Cladding
ڪنهن عمارت جي ٻاهران اهڙو ڍڪ يا پوش جيڪو ان جي حفاظت ۽ آرائش جو ڪم ڏئي.

Clapper bridge
پٿر جي ڊگهن ڇاڻهن (slabs) جي ٺهيل پُل، ڪي ڇاڻها بدان (piers) ۽ ڪي مٿان رستو ناهڻ ۾ ڪم اچن.

Clasis
ٽلهو يا سطح جو عالم پناهه کان مٿان لهندو اچي عام سطح، زمين سان ملي.

Clasp
چپراس، هنن جي استعمال سان بي باربردار پيتين جون ويريون ۽ بهتر پڪي اڻ پسرجندڙ (گرمي سرديءَ کان محفوظ) (Insulaton) ٿي سگهي ٿي.

Classicism
ڪلاسيڪيت، معياريت (رومي ۽ يوناني فن، تعمير ۾).

Claustral
خانقاهي، حجري نِما.

Clay
عام چيڪي مٽي جيڪا سڪڻ بعد ڳتيل ۽ پرندڙ پر پسڻ بعد نرم يا مڙڻي ٽٽي.

Clay wash
پاڻيءَ وسيلي پٽڑو ڪري چمڙي چڙهيل بوتلن وغيره کي پوچي ڪرڻ لاءِ ريڪ مادو.

Clerestory
ڪليسا جي نشستن جي وچ واري رستي/ لنگھ مٿان ڇت تي مکيہ ديوار جو حصو جنھن ۾ دريون ٺھيل ٿين.

Clevis
نعل نما ڪُنڊو، نعلي ڪنڊو.

Clinker
ڳرڙي/ وڏيڪ پڪل سر.

Clinkerbuilt
ٻاھران ھڪ ٻئي مٿان چڙھيل تختن سان ٺھيل ٻيڙيءَ نما اڏاوت.

Clocher
گھنٽا گھر لاءِ فرينچ لفظ

Cloister
دالان، رواق، وراندو، ڊڪيل گذر يا لنگھ.



Close
مٽ يا وڏي ديول جو علائقو يا حد.

Closer
ڪنھن ديوار جو ڇيڙي وارو يا آخري پٿر، سِر يا ٽُڪر.

Closure
اِحاطو، سِر جو ٽوٽو جيڪو بار جي خاتمي تي سنوٽ نہ ٻيھڻ ڪري استعمال ڪجي تہ جيئن بار جو ڇيڙو سنوٽ ۾ نظر اچي.


Coarse stuff
چن، واري ۽ ڪک يا وار وغيره (جيڪي پھرين، ٻئي ۽ ٽئين ھٽ ۾ ڪم اچن).




Cob
گھگل، پٽري، واري، مٽي، ڪک مليل مال جنھن مان پتيون جوڙين.

Cobble stone
طبعي طور گول لسا پٿر (pebbles)، ننڍا گنل پٿر (boulder) جيڪي رستي وغيره ٻڌڻ ۾ ڪم اچن.

Coffer-dam
جَل روڪ اڏاوت، جنھن سان پاڻي ۾ بنياد جوڙي يا اوساري سگھجي.

Coffers
ڇت ۾ ويڙل ڊَبڪَ، اندروني ڇت ۾ ھيٺ ويڙل ڊبڪن جي زينت.




Coign	Quoin. ڪنهن شيءِ جو خوبصورت ڊيڪ يا نظارو ڏيندڙ هنڌ.
Collage orne	جوڙيل چتر، چٽ يا نقش، مختلف شين جون چٽڪيون ملائي نقش ٺاهڻ.
Collar	گنبذ جو گردو سار، گانگهو.
Collarbeam	 پچريل ڪرنگهائين چت جي هڪ ڪاٺي جيڪا چوٽيءَ کان هيٺ ٻانونجهرين ڪاٺين کي ملائي
Colonnade	 ٿنبيل پيلپاون جي قطار جنهن ۾ پوروچوٽ پيلپاوا ٺهيل هجن.
Colossal order	اهڙي ڪابه اڏاوتي صورت جنهن ۾ پيلپاوا ڪيترن طبقن يا ماڙين مان گذرن.
Colossus	آدم قد کان وڏو مجسمو، ديو هيڪل بت.
Columbarium	جارن سنبيرن سان عمارت جنهن ۾ رکدان رکجن.
Column	پيلپائو،  گول ٿنيو.
Common arch	عام ونگ.
Common bond	عام سر بڌ، چالو بڌ يا اوساري طريقو.
Common brick	عام سِر.
Common rafter	پچريل ڪرنگهائين چت جي هڪ ڪاٺي جيڪا ٻاونجهري حالت ۾ لڳي.
Compages	پيچيده اڏاوت، ٺاٽو.
Complex (Buidling)	گهڙ، ڳاهٽ، ويڙهو.
Compo-board	پلستر بجاءِ ديواري تختا.

Composite	لوهہ ۽ ڪاٺ جا بَنڌ يا مُڇا. (trusses) ڦَڻنچيون.
Composite order	پوءِ جي ترتيب آهي جيڪا يوناني عمارتسازيءَ جي قسمن (ionic) ۽ (Corinthian) جو ميلاپ آهي.
Compound pier	گهڻين ڪَنين وارو پيپلائو يا ٿنڀ.
Concentrated load	هم مرڪز ٽيل بار، مرتڪز بار.
Conch	اڌ گولائون طاق جنهن جي مٿان اڌ گولائين ڇت يا اڌ گول ڇت هجي.
Concourse	ڪليل ميدان يا وڏو ڪمرو.
Confession	تاريخ جي اوائلي يا وچين دور وارا گرجا گهر، جن ۾ قربانگاهہ جي هيٺان زير زمين بهرو يا ڪوٺي هوندي هئي جنهن ۾ تبرڪات رکيل هونديون هيون (اعتراف جو ڪمرو)
Console	ڏَنگي، ڪفچہ ديوار، ٽونڊ.
Constructivism	جمالياتي مظهر جيڪو روس ۾ 1920ع ڌاري پختو ٿيو. جديديت واري عملي نموني تان ورتو ويو هو. ڪن حالتن ۾ هڪ تہ جمالیات جي اُبتڙ هو.
Continuous import	پائيڪمان يا ونگ جيڪا هيٺ تائين هجي.
Continuous beam	شهتير جيڪو ٻن کان وڌيڪ ٿيڪن تي بيٺل هجي، گهڻ-ٿيڪو شهتير.
Continuous beam	يڪو شهتير، جو گهڻن ڪمرن يا اڌاوتي ايڪن ۾ لڳاتار/ يڪو پيل هجي.  Continuous Beam
Contravallation	گهيرو ڪندڙن طرفان گهيريل جاءِ کي محصور ڪرڻ
Conurbation	(رٿا بندي جو لفظ) ڳوٺن يا شهرن جو مجموعو جيڪي هڪ ٻئي سان ڳنڊيل هجن. شهرن جو ڳنڊيل مجموعو.

Coom	ڪاٺ جو بوتو جنهن تي پل تعمير ڪجي. ڪابہ تجر يا محرابي شيءِ.
Cope	گاري جي يا گل جي قالب جو مٿيون حصو. تجر، اڏاوت جو مٿيون پٽر يا بار.
Coped joint	اهڙي گهاڙ جنهن ۾ هڪ شيءِ جو ڪٽيل يا گهڙيل حصو ٻي جي ڪوريل حصي ۾ ويهي وڃي يا ٽهي وڃي.
Coping	مُنڈير، اُشنيشا، سرديوار، ديوار وغيره جي مٿان پاٽي وغيره ڪان بچاءَ خاطر حفاظتي اڏاوت يا تهہ، ٽوپي. 
Cops	ڪُنگرا.
Corbel	مورني، سُرڪ (سُرڪڻ مصدر مان) ٽڻ، وڌاوڙو.
Corbelling	سُرڪو ڦيرڦار جو مرحلو جنهن ۾ هر مٿيون بار هيٺين کان ٿورو اڳتي وڌيل هجي.
Corbiesteps	(crow step) تجريل چت جون پوڙيون.
Cord	جوتو، رسي، نوڙي
Cordon	گولائين گهاڙ جو ٻنو (اڪثر پٽر جو) جيڪو قلعي وغيره جي پشتيبان جي مٿان چوڌاري هجي.
Core	(اوساريءَ جو) وِچُ يا مَنجهہ- پراڻ.
Corinthian order	پنجن ڪلاسيڪل اڏاوتي سلسلن مان هڪ. هن قسم جي سرستون ۾ هڪ روايتي ٻوٽي نانگ ڦڻ (acanthus) جو نمونو ٿهيل هوندو آهي. 

Corner bead
عمارت جي ڪنڊن تي ڏاتوءَ جي (گچ ۾ پيل) مٽين جي گهڙت (ان لاءِ ته جيئن گچ پڄي يا تڙڪي نه پوي).

Cornice

ڪِناري، ڪنهن اڏاوت يا اڏاوت جي انگ/ پرڪار جي مٿان افقي اڏيل حصو.

Corolla
گوئنٽ، ڪگر.

Corona


مُنڊڪ، هالو، ڪانس جي پٽي، ڇت مان لڙڪندڙ جهاڙ ڪنار-پٽي.

Corral
